
# سنڌ ۾ ننڍي عمر جي شادين کي
# روڪڻ جو قانون 2013ع



## ٻارن سان کيڏو
## انهن جي ٻالڪپڻ سان نہ

SPO
Strengthening
Participatory
Organization
ادارہ استحکام شرکتی ترقی

Trōcaire

Australian Aid

Australian Government

# سنڌ ۾ ننڍي عمر جي شادين کي روڪڻ جو قانون 2013ع

مُک نقطا

- سنڌ ۾ ننڍي عمر جي شادي کي روڪڻ جي قانون 2013ع هيٺ ارڙهن سالن جي ڄمار کان گهٽ عمر واري ٻار جي شادي، پوءِ پلي اُهو ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري هڪ ڏوهه آهي.
- هن قانون جي هيٺ ارڙهن سالن کان وڌيڪ عمر جو ڪوبہ مرد جيڪو ڪنهن ننڍي عمر جي ڇوڪريءَسان شادي ڪندو ان کي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ سال يا وڌ ۾ وڌ ٽي سال سخت قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي .ان کان سواءِ جوابدار تي ڏنڊ بہ لڳائي سگهجي ٿو .
- جيڪو بہ ننڍي عمر واري شادي ڪرائيندو، انتظام ڪندو يا ڪا ٻي سهولت فراهم ڪندو. ان کي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ سال يا وڌ ۾ وڌ ٽي سال سخت قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي. ان کان سواءِ جوابدار تي ڏنڊ بہ لڳائي سگهي ٿو .
- والدين يا ڪوبہ ٻيو فرد ڪنهن بہ حيثيت ۾، چونہ قانوني هجي يا غيرقانوني، ڪنهن ٻار جي شادي کي همٿائڻ جو ڪو عمل ڪندو يا ان جي اجازت ڏيندو يا ان جي روڪرائڻ ۾ واضح طور تي ناڪام رهندو تہ ان کي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ سال يا وڌ ۾ وڌ ٽي سال سخت قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي. ان کان سواءِ جوابدار تي ڏنڊ بہ لڳي سگهي ٿو .
- هن قانون جي هيٺ عدالت درخواست جي وسيلي پنهنجي آڏو ايندڙ معلومات مان مطمئن ٿي ڪري ان قانون جي ڀڃڪڙي ۾ جيڪڏهن ڪا ننڍي عمر واري شادي ڪرائي پئي وڃي يا ٿيڻ واري آهي تہ اهڙي شادي تي پابندي لڳائي سگهي ٿي.عدالت پاران پابندي جي باري ۾ ڄاڻندي بہ جيڪڏهن ڪو عدالت جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو تہ اهو سزا جو حقدار هوندو جيڪا هڪ سال قيد يا ڏنڊ يا ٻئي ٿي سگهن ٿيون .
- هن قانون جي هيٺ ننڍي عمر جي شادي ضمانت ۽ ناهہ نہ ٿيڻ جوڳو هڪ ڏوهہ آهي .
- ڏرين جي عمر جي خاطري .شادي ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو يا ان جو بندوبست ڪرڻ وارو فرد يقيني طور تي اطمينان ڪندو تہ گهوٽ ۽ ڪنوار جي عمر 18 سال يا ان کان وڌيڪ آهي .اهو صحيح ٿيل هڪ حلف نامو فراهم ڪندو تہ ان پنهنجي طور تي اطمينان ڪيو آهي تہ لاڳاپيل ڌرين جي عمر 18 سالن کان گهٽ نہ آهي .اهڙو حلف نامو نڪاح نامي سان گڏ هجڻ گهرجي .ٻنهي لاڳاپيل ڌرين جا اثرائتا ڪمپيوٽرائيزڊ قومي شناختي ڪارڊ (CNIC) جي تصديق ٿيل ڪاپي نڪاح نامي، شادي جي معاهدي يا ان حوالي سان ڪنهن ٻئي دستاويز سان گڏ هجڻ گهرجن .جيڪڏهن شادي ڪندڙ ڪنهن ڌر جو ڪمپيوٽرائيزڊ قومي شناختي ڪارڊ (CNIC)موجود نہ آهي تہ ان صورت ۾ ڌرين جي عمر جي تصديق جي لاءِ ڪوئي بہ طبي سرٽيفڪيٽ لڳائي سگهجي ٿو .

شڪايت داخل ڪرائڻ جو طريقو

- مئجسٽريٽ آڏو شڪايت. ڪوئي بہ شخص فرسٽ ڪلاس جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ اها درخواست داخل ڪري سگهي ٿو تہ ڪنهن ننڍي عمر واري ٻار جي شادي ڪرائي پئي وڃي يا ٿيڻ واري آهي يا ڪرائي وئي آهي . درخواست هيٺ ڏنل حدن مان ڪنهن بہ هڪ ۾ داخل ڪرائي سگهجي ٿي .

i. جتي متاثر ٻار رهندو هجي

ii. جتي جوابدار رهندو هجي يا ڪم ڪار ڪندو هجي

iii. جتي متاثر ٻار ڪيس جي دوران رهندو هجي

ايڪٽ هيٺ داخل ڪرايل درخواست جي صورت ۾، عدالت سول پروسيجر ڪوڊ سال 1908 ۽ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر سال 1898 جي هيٺ بيلف، لڳائڻ ۽ نشر /اشتهار ڏيڻ ٽنهي طريقن سان نوٽيس جاري ڪري سگهي ٿي ۽ انهن ٽنهي طريقن مان ڪنهن بہ هڪ طريقي سان اماٽيل نوٽيس کي نوٽيس جو تعميل هجڻ سمجهيو ويندو .

- پوليس جي سامهون شڪايت. قانون يا ان جي ضابطن مان ڪنهن ٻئي قانون بيان ڪيل هجڻ جي صورت کان سواءِ، ايڪٽ جي هيٺ داخل ڪيل ڪنهن بہ درخواست يا ايف آءِ آر تي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر سال 1898( ايڪٽ Vسال 1898 )جا طور طريقا لاڳو ٿيندا .ڪوبہ پوليس اهلڪار جيڪڏهن ننڍي عمر جي شادي بابت ڪنهن شڪايت جو ڪيس داخل ڪرڻ يا ان جي جاچ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو تہ اهو پاڪستان پينل ڪوڊ سال 1860( ايڪٽ XLV سال 1860 )جي هيٺ ڏوهہ جو حقدار سمجهيو ويندو .